ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
چيئرمين، سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي

# ٻانهون خان شيخ: شاهه جي رسالي جو مرتب

# BANHON KHAN SHAIKH: COMPILER OF SHAH-JO-RISALO


## Abstract

This article attempts to highlight the highly valuable services, Mr. Banhon Khan Shaikh has rendered in connection with the compilation of Shah-Jo-Risalo with great labour and love. He was a rare self-determining scholar of Shah Abdul Latif Bhitai, whose work is of a remarkable quality as he spent more than 20 years period to accomplish the task of compiling Shah-Jo-Risalo in a local manner. His compiled Shah-Jo-Risalo was published by Shah Abdul Latif Bhitai Chair, University of Karachi.

What makes this Shah-Jo-Risalo more important is its purity and authenticity of poetry as well as meaning of 100% difficult words, which has been given an every page of it so that general readers could be benefitted from it. Besides, every verse is punctuated which has eased the very reading and understanding of Shah-Jo-Risalo.

Indeed, Mr Banhon Khan Shaikh was a genius scholar and a formidable figure in literary circles of Sindh, who succeeded to separate the alien poetry from Shah-Jo-Risalo and, thus, made it more authentic and simple.

A few letters of Mr. Banhon Khan Shaikh, written to the author are made a part of this article, which effectively put a light on the phases and difficulties , he had to face regarding the publication of his compiled Shah-Jo-Risalo and the behaviour of various publishing houses, who failed to get this work published, other than Shah Abdul Latif Bhitai Chair, University of Karachi.


شاهه سائين سنڌ سونهاريءَ ۾ جمندڙ اهو شاعر آهي، جيڪو دنيا ۾ سيني شاعرن کان مٿانهون آهي. سندس ڪلام وڏ ۾ وڏ ڳايو وڃي ٿو ۽ ساڻس انتها درجي جي محبت ڪئي وڃي ٿي. دنيا جو هيءُ واحد شاعر آهي، جنهن سان پڙهيل توڙي

اٽڪڙهيل هڪجيتري عقيدت رکن ٿا. عالم هِن جي ڪلام پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ سهيڙڻ کي نہ رڳو اعزاز ۽ سعادت سمجهن ٿا بلڪ پنهنجو علمي ۽ ادبي قد بہ وڌائن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترن ئي عالمن سندس ڪلام کي هڪ عشق سمجهي سهيڙيو ۽ سمجهايو آهي. شاهہ جي اهڙن عاشقن منجهان سائين ٻانهون خان شيخ بہ هڪ آهي. شيخ صاحب بہ ان نگريءَ سان واسطو رکي ٿو، جيڪا ڀٽائيءَ جي نالي سڏجي ٿي. سنڌ جي ساڳي ٽُڪري سان واسطو هجڻ ڪري ٻانهون خان، شاهہ جي ٻوليءَ کي گهڻو سمجهندو هو. هُن ادب جي ٻين صنفن تي شايد ڪجهہ لکيو هجي، باقي اخبارن ۽ رسالن وغيره يا ادب جي ميڙاڪن ۾ هو مشهور ڪونہ هو. سندس سهيڙيل شاهہ جي رسالي کان پوءِ شهرت وڌي. جڏهن ادب سان سلهاڙيلن کي ٻانهين خان جي ذات، ڏانءَ ۽ اڪابريءَ جي خبر پئي تہ هو حيران ٿي ويا. سندن زبانن تي اهو ئي هو تہ ڇا هن وقت بہ اهڙا لڪل عالم آهن، جيڪي ايڏو وڏو علم رکن ٿا، شاهہ سائينءَ کي پرکي ۽ پروڙي سگهن ٿا. هِن همراهہ شاهہ جو رسالو سهيڙي پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو. ڪي اديب سوين ڪتاب لکڻ جي باوجود بہ ان منزل تي ناهن رسندا، جهن تي سائين ٻانهون خان رڳو شاهہ جو هڪ رسالو لکي پهتو. هن شاهہ جي رسالي تي ڪيترائي سال جاکوڙ ڪئي. هيءَ سندس عشق هو، جيڪو پورو ٿيو . ان کان پوءِ هيءُ همراهہ گمنام زندگي گهاريندو هو، چوندو هو تہ هاڻي ڪيس پذيرائيءَ جي ڪابہ طلب ناهي. نہ تہ جيڪي اديب اهڙو ڪم ڪندا آهن تہ تقريبن ۽ ميڙاڪن جون صدارتون تاڙيندا وتندا آهن. مون کي ياد آهي تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر جي هڪ ميڙاڪي ۾ سائين ٻانهين خان کي اسٽيج تي ويهاريو ويو ۽ سندس سهيڙيل شاهہ جي رسالي تي رخمان گل ڪجهہ تنقيد ڪئي. مون کيس گذارش ڪئي تہ سائين اوهان بہ ڪجهہ ڳالهايو تہ هن همراهہ انڪار ڪيو ۽ چيائين بابا اسان رڳو ٻڌڻ آيا آهيون."

سندس سهيڙيل شاهہ جي رسالي ۾ 31 سُر 4469 بيت ۽ 300 وايون آهن. سر ڪلياڻ سان شروعات ڪئي اٿائين. ٽن جلدن ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڇپرايو آهي. جنهن جو مهاڳ نامياري محقق، نقاد، اديبہ ۽ شاهہ عبداللطيف چيئر جي ڏهوڪي ڊائريڪٽر ۽ هاڻي سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن فهميده حسين لکيو آهي.

هن رسالي جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي تہ گهڻي کان گهڻو نج ڪلام ۽ گهڻي ۾ گهڻن لفظن جي معني ڏني وئي آهي تہ جيئن پڙهندڙ ڪٿي بہ منجهي نہ پوي. هر صفحي تي نہ رڳو ڏکين لفظن پر ڪجهہ سولن لفظن جي بہ معني ڏني وئي آهي، هڪ لفظ جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ صفحن تي ڏنل آهي تہ ان جي هر صفحي تي معني ڏني وئي آهي. پڙهندڙ لاءِ ان کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ سهولت نٿي ٿي

سگهي تہ ڪيس ساڳي ئي صفحي تي لفظ جي معنيٰ ملي وڃي. جڏهن تہ ٻين رسالن ۾ ائين آهي تہ هڪ لفظ جيڪڏهن گهڻين جاين تي ڏنل آهي تہ ان جي معنيٰ رڳو هڪ جاءِ تي ئي ڏني وئي آهي. اهو طريقو بہ ٺيڪ آهي پر هيءُ وڌيڪ سولو آهي.

اڄوڪي دور ۾ شاهہ ڪي صحيح اچار سان پڙهڻ هڪ مسئلو آهي. ان مسئلي کي ٻانهين خان گهڻيءَ حد تائين حل ڪري ڇڏيو آهي. هن هر لفظ تي اعرابون يعني زيريون زبرون ۽ پيش ڏنا تہ جيئن لفظ اچارڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿئي.

ٻانهون خان جيئن تہ پٽ شاهہ سان واسطو رکندو هو، تنهن ڪري شاهہ سائينءَ جو ڪلام ڄمڻ کان ئي سندس ڪنن ۾ گونجڻ لڳو. اِها هڪ فطري حقيقت آهي تہ ماڻهون امڙ جي لوليءَ سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي. ٻانهين خان کي بہ شاهہ جي ڪلام سان لوليون مليون. جيئن پوءِ تيئن انهن لولين سان سندس سڪ وڌندي وئي، جنهن ڪيس شاهہ جي راڳ جو عادي بلڪ موالي ڪري ڇڏيو. شاهہ جي مختلف راڳائي فقيرن سان سنگت رکيائين. پاڻ بہ شاهہ کي ڳائڻ لڳو پر ڳائڻ ۾ سندس آواز ساٿ نہ ڏنو. پوءِ هن لطيف سائينءَ جي ڄاڻوءَ ۽ شاهہ جي راڳائيءَ محمد ابراهيم فقير خاصخيليءَ جو پاسو ورتو. فقير محمد ابراهيم ٻانهين خان جي پيءُ جو سڳو ڀڦاٽ يعني ڀڦيءَ جو پٽ هو. هن کي لطيف جو ڪلام ايترو تہ ياد هو جو ڪيس شاهہ جو زنده رسالو سڏيندا هئا. ٻانهين خان، فقير محمد ابراهيم خاصخيليءَ کي جيڪو شاهہ جو ڪلام ياد هو اهو ڪلام لکي ۽ سموهي ترتيب ڏنو. هن اهو ڪلام نہ رڳو گنج شريف سان ڀيٽيو پر ٻين موجوده ڇپيل رسالن ۽ قلمي نسخن سان بہ ڀيٽي 1960ع ۾ ڪم مڪمل ڪري ورتائين. ان ۾ شاهہ جي ڪلام سان ٻين شاعرن جو ڪلام بہ گڏجي ويو هوس. ان ڌاريي ڪلام کي الڳ ڪرائڻ لاءِ شيخ صاحب پنهنجي نسخي تي نظرثاني ڪئي. ان سلسلي ۾ هن موجود شاهہ جي سڀني رسالن ۽ قلمي نسخن کي آڏو رکيو. تنهن هوندي بہ ڌاريو ڪلام رهجي ويو. اهو مسودو هُن پاڪستان بڪ فائونڊيشن ڪراچيءَ ۾ مرحوم مقبول احمد پٺيءَ کي ڇپرائڻ لاءِ ڏنو پر فائوڊيشن نہ ڇپرايو.

سال 1988ع کان ٻانهين خان کي وري جوش جاڳيو ۽ پنهنجي رسالي مان ڌاريو ڪلام ڪڍڻ شروع ڪيائين. ستن سالن جي محنت کان پوءِ هيءُ موجوده رسالو مڪمل ٿيو. مطلب تہ ٽيهارو سال هن ان رسالي تي محنت ڪئي. پوءِ ڇپرائڻ جي لاءِ مختلف ادارن ڏانهن ويو، جيڪي مالي گهوٽالي سبب ڇپرائڻ جو سَت ساري نہ سگهيا. آخر 1996ع ۾ شاهہ لطيف چيئر ۾ تڏهوڪي ڊائريڪٽر سائنڻ درشهوار وٽ مسودو کڻي پهتو، جنهن پنهنجي صلاحڪاري ڪاميٽيءَ کان ڇپرائڻ جي منظوري تہ ورتي پر ستت ئي سندس چيئر ۾ رهڻ جو مدو پورو ٿي ويو، پوءِ پروفيسر محمد سليم ميمڻ وقتي ڊائريڪٽر ٿيو، جنهن کي بہ ٻانهين خان جو ڪم ڏاڍو وڻيو.

هن صاحب وڏيڪ راءِ وٺڻ لاءِ پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين ڏانهن مسودو موڪليو. انهن وٽ بہ هيءُ پورهيو ساڀِ پيو. تنهن کان پوءِ ميڊم فهيمده حسين سنت ئي ڊائريڪٽر ٿي، هن اوليت جي بنياد تي اهو رسالو ڇپرائڻ شروع ڪيو. رسالي جو پهريون ڀاڱو مئي 2000ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. سال کن جي اندر بيا بہ ڀاڱا بہ ڇپجي پڌرا ٿيا. پهرئين ڀاڱي ۾ ٻانهين خان جو لکيل تفصيلي مقدمو بہ تمام گهڻو ڪارائتو آهي، جنهن ۾ هن لفظن جي پڙهڻين ۽ ٻين رسالن ۾ ڏنل معنائن وغيره تي روشني وڌي آهي. اهو رسالو شاهہ لطيف چيئر لاءِ بہ هڪ اعزاز آهي. ٻانهين خان جي سالن جا ٽڪ لهي ويا. پڙهندڙن کي هڪ سني شيءِ ملي وئي.

محترم ٻانهي خان شيخ سان منهنجي شاهہ لطيف چيئر ۾ ڪم ڪرڻ دوران خاص طور تي تمام گهڻي ويجهڙائي ۽ نيازمندي هئي. رسالي جي ڇپائيءَ جي مختلف مرحلن ۾ مان نہ رڳو ساڻس رابطي ۾ رهندو هوس بلڪ شاهہ لطيف چيئر پاران خط و ڪتابت بہ ڪندو هوس. ساڻس نيازمندي ايتري وڌي وئي جو مون کيس زندگيءَ جي احوال لکڻ لاءِ بہ عرض ڪيو ۽ هو بہ مون کي ڏاڍو ڀائيندو هو. مون جيڪي کيس خط لکيا، انهن جي ڪاپي افسوس آهي تہ سانڍجي نہ سگهي پر شڪر آهي تہ شيخ صاحب جا ڪجهہ خط مون وٽ محفوظ آهن، جيڪي هتي پيش ڪبا. انهن علمي ادبي خطن جي وڏي اهميت آهي. انهن وسيلي شيخ صاحب جي شخصيت، شاهہ سائينءَ کي سمجهڻ ۽ پنهنجي دور جي ادبي ماحول جي پروڙ پئجي سگهي ٿي.

شيخ صاحب هڪڙي خط ۾ ڊاڪٽر رخمان گل پالاريءَ جي ڪيل تنقيد بابت اظهار ڪيو آهي، جڏهن تہ پالاريءَ صاحب جي تنقيد جو هن ڪلاچي تحقيقي جرنل سيپٽمبر 2002ع واري شماري ۾ تفصيل سان جواب ڏنو هو، جيڪو 38 صفحن تي ٻڌل هو. اهو هڪ علمي بحث آهي. پالاري صاحب ٻانهين خان شيخ جي رسالي بابت اهو مقالو اصل ۾ رسالي جي مهورتي تقريب ۾ پڙهڻ لاءِ لکيو هو. جيڪو هن پڙهيو. پوءِ سندس اهو مقالو ڪلاچي تحقيقي جرنل جي جون 2002ع واري شماري ۾ ڇپيو.

شيخ صاحب کيس انتهائي مدلل انداز ۾ جواب ڏنو. سندس جوابي مقالي جو عنوان هو "شاهہ جو رسالو" (ٻانهين خان شيخ جي مرتب ڪيل شاهہ رحہ جي رسالي جي ٽن جلدن تي محترم رخمان گل پالاريءَ صاحب جي ڪيل تنقيد بابت مرتب طرفان صفائي)

ٻانهون خان شيخ شاهہ سائينءَ جي حوالي سان هڪ تمام وڏو عالم هو. هن ڏاڍي سهڻي نموني سان صفائي پيش ڪئي. جيئن تہ انهن ٻنهي مقالن کي پيٽڻ ۽ تبصرو ڪرڻ هن مقالي جو حصو نہ آهي، تنهن ڪري دلچسپي رکندڙ ٻنهي مقالن

جو مطالعو ڪري ڪو نتيجو ڪڍي سگهن ٿا. هتي رڳو مان پاڻ ڏانهن شيخ صاحب جا لکيل خط پيش ڪريان ٿو:

**خط نمبر - 1**

”ڀٽ شاهه

1 جولاءِ 2002ع

پيارا سدورا سائين جامڙا صاحب

اسلام عليڪم

عرض ته اوهان جو تاريخ 20 جون 2002ع جو لکيل خط مون کي 25 جون تي مليو، جنهن کان پوءِ سوچڻ لڳس ته سوانح حيات ته شهر آفاق دانشورن، شاعرن، عالمن ۽ برگزيده اهل الله شخصن جي لکبي آهي، جن جي ڪارڪردگي عام ماڻهن لاءِ باعث هدايت، مشعل راهه ۽ قابل تقليد هوندي آهي ۽ آئون ته هڪ مجهول حال ۽ ادب کان عاري ۽ بازاري بندو آهيان. خبر ناهي ته منهنجي کهڙي گُڻ ادا جامڙي صاحب کي خفي ۾ وڌو آهي. منهنجي آتم ڪٿا هڪ درد جو داستان آهي ۽ آئون سمجهان ٿو ته ضبط تحرير جي لائق ناهي. بهرحال اوهان کي نا اميد ۽ ناراض ڪرڻ هڪ اخلاقي ڏوهه سمجهان ٿو. ان ڪري جهڙو حال تهڙو پريان نال. منهنجي غريباڻي زندگيءَ جو احوال جيڪڏهين قابل اشاعت سمجهو ته هن سان شامل مواد کي پنهنجي ادبي ڍنگ سان سوڌي سنواري پلي شايع ڪريو.

ٻيو عرض ته رسالي جي جلد -3 جون اعزازي 30 ڪاپيون ۽ جلد 1 ۽ 2 جي هڪ هڪ ڪاپي (منهنجي طرفان سي_ڊيءَ جي تياريءَ لاءِ درست ڪري سيمينار جي موقعي تي مئنيم صاحبه (ڊاڪٽر فهيمده حسين) کي ڏنل ڪاپين جي عيوض) موڪلڻ لاءِ مون مئنيم صاحبه کي خط لکيو آهي، اوهان برو نه سمجهو ته ڪيس يادگيري ڏياري اهي ڪاپيون مون کي مئنيم صاحبه کي منهنجي طرفان لکيل خط ۾ ڄاڻايل ڪنهن به گڊس ٽرانسپورٽ ڪمپنيءَ جي ذريعي موڪلڻ جو بندوبست ڪندا ته عين نوازش ٿيندي. توهان کي جون 2002ع جي ”ڪلاچي“ سماهيءَ لاءِ عرض ڪيل آهي اهو به جيڪڏهن ٿي سگهي ته ڏياري موڪليندا.

اوهان جيڪڏهين ڀٽ شاهه ۾ لطيف سائينءَ جي زيارت لاءِ مون مسڪين جي ڪکن ۾ ايندا ته منهنجون اکيون ٺڏيون ٿينديون ۽ آئون اوهان جا وڏا وڙ سمجهندس.

آخر ۾ دعا آهي ته الله سائين شل اوهانکي هر دم خوش خورم ۽ آل عيال سوڌو سلامت رکي ۽ اوهان کي پنهنجي اقبال ۾ ترقي ڏئي. آمين.

اوهان جو گهڻ گهرو

**ٻانهون خان**

**خط نمبر -2**
پٽ شاهه
7 آگسٽ 2002ع
برادر عزيزم جامڙا صاحب،
اسلام عليڪم

اوهان جي خط مورخ 20 جولاءِ 2002ع جي جواب ۾ عرض آهي تہ انساني ڪردار جي بنيادي بناءِ، اڳتي جي اوسر ۽ بعد جي بقا ۾ ماحول، جنهن ۾ انسان پيدا ٿي پروان چڙهي ٿو، انسان جي پنهنجي ادم ۽ ڪوشش ۽ الله سائينءَ جي فضل ۽ رضا جو دخل هوندو آهي.

جيتريقدر ماحول جو سوال آهي تہ اهو ٻن قسمن جو هوندو آهي، هڪ اندروني ۽ ٻيو بيروني. اندروني ماحول جو واسطو خاندان يعني والدين ۽ ان سان ملحق ٻين افرادن جي هلت چلت، ريت رسم ۽ عادت ۽ اطوار سان هوندو آهي. منهنجو والد شريف درويش ۽ نيڪ صفت منش هو. سندس چاچو ۽ ان جا بہ پٽ لطيف سائينءَ جا راڳائي فقير هئا. انهن ٻن پٽن مان هڪڙو تہ بهترين راڳائي ليکيو ويندو هو. والد شريف جو سڳو ڀاٽ محمد ابراهيم فقير خاصخيلي هڪ يگانو ۽ جراح راڳائي هجڻ سان گڏ لطيف سائينءَ جي ڪلام جو مها ڄاڻو هو ۽ ان کي لطيف سائينءَ جو ايترو تہ ڪلام ياد هو، جو ڪيس جيڪڏهن لطيف سائينءَ جي ڪلام جو زنده رسالو سڏجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. والد شريف خود راڳائي ڪونہ هو پر ڪيس راڳ ٻڌڻ جو گهڻو شوق هو. هو اڪثر ڪري راڳ واريءَ هر رات تي لطيف سائينءَ جي درگاهه تي راڳ ٻڌڻ ويندو هو. ان وقت درگاهه تي هفتي ۾ چار راتيون راڳ ٿيندو هو، هڪ جمعي جي رات، ٻي آچر رات، ٽين سومر جي رات ۽ چوٿين اربع جي رات. جڏهن تہ هن وقت هفتي جي سڀني راتين تي راڳ ٿيندو آهي. بيروني ماحول جو اهو حال هو تہ پٽ شاهه شهر ۽ ان جي آس پاس جا ڪافي ماڻهو لطيف سائينءَ جي ڪلام سان اُنس رکندڙ هئا. انهن ۾ ڪيترائي تہ راڳائي بہ هئا.

منهنجي پيدائش ۽ پرورش مٿي ڄاڻايل ماحول ۾ ٿيڻ ڪري، مون کي بہ لطيف سائينءَ جي ڪلام ٻڌڻ ۽ ڳائڻ جو چاهه ٻالجتيءَ کان پيدا ٿيو. آئون مئٽرڪ تائين پڙهڻ واري زماني ۾ توڙي سرڪاري ملازمت جي زماني ۾، جيڪا اڪثر ڪري حيدرآباد ۽ هالن ۾ هوندي هئي. هفتي جي ڇنڇر راتين تي درگاهه تي راڳ ٻڌڻ ويندو هوس. اٽڪل روءِ ويهارو سال کن منهنجو اهو مشغلو رهيو، جنهن ۾ آئون راڳ ڳائڻ بہ سکي ويس ۽ تمام گهڻو ڪلام ياد بہ ڪري ويس پر جيئن تہ منهنجو آواز سريلو ۽ مزيدار نہ هو، ان ڪري ڳائڻ جو ارادو ترڪ ڪري فقير محمد ابراهيم کان ٻڌل سندس ياداشت واري سموري ڪلام کي مختلف رسالن ۽ گنج شريف جي پيٽڻ ۽

مدد سان قلمبند ڪرڻ ۾ لڳي ويس تان تہ هڪ اوائلي مسودو سال 1960ع ۾ لکي پورو ڪيم. ان مسودي ۾ شاهہ سائينءَ جي ڪلام سان گڏ ٻين شاعرن جو ڪلام بہ درج ٿي ويو. وقت گذرڻ سان محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي تحقيق جي نتيجي ۾ سندس طرفان هٿ ڪيل ڪجهہ قديم نسخن جي ڇاپي صورت ۾ شايع ٿيڻ بعد سال 1960ع ۾ لکي پوري ڪيل اوائلي نسخي تي نظرثاني ڪري ڪجهہ سالن جي محنت کان پوءِ ڪجهہ ترميمن سان وري ٻيو هڪ نئون مسودو تيار ڪيم.

نئون مسودو بہ پراڻي مسودي وانگر شاهہ سائينءَ جي ڪلام جي متن سان گڏ ٻين شاعرن جي ڪلام جي متن جو مجموعو هو، جيڪو مقبول احمد پٽي صاحب پاڪستان فائونڊيشن ڪراچيءَ مان ڇپائڻ جي خيال سان مون کان ڪٽي ويو هو پر جيئن تہ ان ۾ ڌاريو ڪلام درج هو، ان ڪري فائونڊيشن ان کي شايع نہ ڪيو.

سال 1988ع ۾ سرڪاري ملازمت مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مون پورا ست سال محنت ڪري نئين مسودي مان ڌاريو ڪلام خارج ڪري صرف شاهہ سائينءَ جي پنهنجي نج ڪلام جو وري هڪ ٻيو نسخو مفصل لفظي معني سان لکيو. مون ۾ ان نسخي جي ڇپائڻ جي سگهہ ڪانہ هئي، ان ڪري ان جي ڇپائيءَ لاءِ ڀهريان سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌالاجي شعبي ۾ محترم سائين پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب وٽ ويس پر ڪن مالي مشڪلاتن جي سبب صاحب موصوف مون کي موٽائي ڇڏيو ۽ ان سلسلي ۾ ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز سان رابطي ڪرڻ جي صلاح ڏني، جتي ڪن سببن جي ڪري مون وڃڻ مناسب نہ ڄاتو. مون ڪن خانگي پريسن جهڙوڪ سنائي پرنٽنگ پريس حيدرآباد، سنڌيڪا اڪيڊمي پريس ڪراچي ۽ روشني پبلڪيشن ڪنڊياري سان بہ رابطو ڪيو پر انهن پريسن جي مالڪن بہ مالي گهوٽالي جي سببن ڪري مون کي ڇڏيو. آخر سال 1996ع جي جولاءِ مهيني ۾ ڪنهن گهٽگهري دوست جي معرفت ڊاڪٽر بيبي درشهوار صاحبہ سان ملڻ ٿيو، جنهن کي منهنجي ڪيل محنت ڏاڍي پسند آئي ۽ چيئر جي صلاحڪار بورڊ جي ميمبرن کان راءِ وٺي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر صاحب کان رسالي جي ڇپائيءَ جي منظوري بہ حاصل ڪئي پر جيئن تہ چيئر ۾ سندس نمائندگيءَ جو مدو ختم ٿيڻ ڪري پاڻ سيپٽمبر 1996ع ۾ واپس يونيورسٽيءَ ۾ هلي وئي، ان ڪري معاملو پوري هڪ سال لاءِ التوا ۾ پئجي ويو، جنهن ڪري آئون سخت مايوس ٿي ويس پر جيئن تہ الله سائينءَ کي منهنجي نيڪ نيت سان ڪيل سالن جي محنت کي قلدائڪ ڪرڻو هو، ان ڪري قسمت پلٽو کاڌو ۽ چيئر جو عارضي طرح سرابراہ هڪ لائق انسان محترم پروفيسر محمد سليم ميمڻ صاحب ٿيو جنهن کي، جڏهن مون واري مسودي جي چيئر ۾ موجودگيءَ جي خبر پئي تڏهن هن پاڻ مسودي کي ڏسڻ سان اشاعت جي لائق سمجهيو پر ڪن قانوني تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ هن اهو مسودو محترم

فهميده حسين صاحبہ ۽ الانا صاحب جن کي ماهرن جي حيثيت ۾ راءِ ڏيڻ لاءِ موڪليو. انهن صاحبن کي بہ منهنجي محنت پسند آئي ۽ مسودي جي ڇپائيءَ جي سفارش ڪئي . ان وچ ۾ چيئر جي سربراهي پڪيءَ طور محترمہ مئڊم فهميده حسين صاحبہ جي حوالي ٿي وئي، جنهن معاملي ۾ حتي المقدور دلچسپي وٺي ڇئن سالن جي اڻ ٿڪ ۽ ڪٺن ڪوشش سان رسالي کي ٽن جلدن ۾ شايع ڪرايو آهي ۽ اهڙيءَ طرح منهنجي من جون مرادون پوريون ٿيون آهن. مون کي اهڙا لفظ ڪونہ ٿا سجهن جن سان آئون سائين محمد سليم صاحب ۽ سانڍڻ مئڊم فهميده صاحبہ جن جي احسان جو اظهار ڪريان باقي سندن حق ۾ آئون مرڻ تائين هر وقت دعا ڪندو رهندس.

اوهان جي هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ عرض آهي تہ لطيف سائينءَ جي روضي جي صحن واري دروازي مان داخل ٿيڻ کان پوءِ ڏکڻ طرف جيڪي سنگ مرمر جي پٿرن سان ٺهيل قبرون ڏسجن ٿيون، اهي پيتائيءَ جي خاندان جي سيدن جون آهن هڪ قبر سيد شير محمد شاهہ ولد سيد غلام حيدر شاهہ ۽ بہ قبرون سندس پٽن هر هڪ سيد ولي محمد شاهہ ۽ سيد محمد بخش شاهہ جون آهن. انهن قبرن جي وچ ۾ رکيل بورڊ تي هيٺيان بيت لکيل آهن:

ڪلمي گو ڪوتائيين ان پر نہ ايمان،
دغا تنهنجيءَ دل ۾ شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آزر آهيين.

هاديءَ هُئي هدايت ڪئي، لائق لاڪيڻي،
اُتي شاهہ لطيف چئي ڪنيو ڪَرُ ڪميڻي،
حَسَبُنا ڪتابُ اللهِ، بڪيو بي ديني،
مري وڃي مديني، تہ بہ بوءِ نہ لهي بهشت جي.

تڙيل تا تاڙين، پاڳون پڳ ڏٺيءَ جون،
مرسل مَسُ قلم گهريو، مُنا منهن موڙين،
لڄادار لطيف چئي پاڻ تہ سڙي ويا پر ساٿ کي ساڙين،
جيڪي قول نہ پاڙين، سي صادق سڏجن ڪينڪي.

پهريون بيت سيني رسالن ۾ سر آسا ۾ درج ٿيل آهي باقي بہ بيت قبرن ۾ دفن ٿيل سيدن جي ڪنهن مجهول مريد لکائي بورڊ ٽنگائي ڇڏيو آهي. اهي ٻئي شاهہ صاحب جا چيل ناهن ۽ نہ ڪنهن رسالي ۾ درج آهن. هن وقت ماڻهن ۾ اهو رجحان عام آهي تہ پنهنجي مطلب جا ڪي بيت ۽ وايون سڄن جا سڄا يا ڪي مصراعون پاڻ ٺاهي انهن ۾ لطيف سرڪار جو نالو وجهي ڇڏيندا آهن، جهڙيءَ طرح سيمينار جي

موقعي تي رخمان گل پالاري صاحب منهنجي طرفان مرتب ڪيل رسالي تي تنقيد ڪندي چيو تہ بيتن ۽ واين ۾ ڪي اهڙيون مصراعون آهن، جي ڪوهستان جي علائقن ۾ پڙهيو ن ويندڙيون آهن پر پانهي خان ڪوڙ لکيون آهن. پالاري صاحب کي خبر هئڻ کپي تہ اهڙيون مصراعون دنيا جي تختي تي موجود شاهہ صاحب جي ڪنهن بہ رسالي ۾ موجود ڪونهن. پالاري صاحب اهو بہ چيو منهنجي طرفان مرتب ڪيل رسالي ۾ سر آسا جي هڪ بيت ۾ لکيل لفظ "ڪَرياڙِي" ۽ ٻيو لفظ سرڪارايل جي بيت ۾ لکيل "ڪَنَرَ" غلط آهن ڇو تہ ڪوهستاني علائقي ۾ اهي لفظ "ڪرياڙو" ۽ "ڪَنِرَ" ڪري اچاريا وڃن ٿا. حقيقت ۾ اهي لفظ جيئن مون لکيا آهن تيئن صحيح آهن ۽ گنج شريف ۾ ائين لکيل آهن. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي طرفان شايع ڪيل جامع سنڌي لغات جي جلد چوٿين جي صفحي 266 تي بہ لفظ "ڪرياڙي" لکيل آهي. ٻيو لفظ "ڪنر" جيئن اسان وٽ مروج آهي اصل لفظ "ڪَنڌَرَ" جي بگڙيل صورت آهي. ڪوهستان جي علائقي وارو لفظ "ڪَنِرُ" ن تي زير سان اسان جي علائقي ۾ بہ ڳالهايو وڃي ٿو پر ان جي معني آهي "ڏوڪڙ يا پئسا" بهرحال پالاري صاحب توڙي ٻئي ڪنهن صاحب کي تنقيد جو هر ڪو حق حاصل آهي.

افسوس ڳالهہ مضمون کان ٻاهر نڪري وئي، جنهن لاءِ معافي طلبگار آهيان. وڌيڪ صحبت جيڪڏهن حياتيءَ وفا ڪئي ۽ موقعو مليو تہ روبرو اچي ڪبي.

اوهان جو دعاگو

**پانهون خان**

هن دور ۾ شاهہ لطيف تي وڏ ۾ وڏ ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪيو آهي. بلوچ صاحب شاهہ جي رسالي تي تحقيق ڪري ڏهہ جلد ميدان تي آندا. ان ڪم کي تمام گهڻو واکاڻيو ويو آهي. ڪجهہ عالمن ان حوالي سان مضمون ۽ مقالا بہ لکيا آهن، انهن مان محترم پانهون خان شيخ بہ هڪ هو. شيخ صاحب 73 صفحن تي ٻڌل هڪ ڊگهو مقالو بلوچ صاحب جي ڪم بابت لکيو، جنهن جو موضوع هو "ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڪتاب "شاهہ جو رسالو – رسالي جو ڪلام تي هڪ نظر". اهو مقالو ڪلاچي تحقيقي جرنل جي ڊسمبر 1999ع واري شماري ۾ ڇپيو. ان مقالي ۾ شيخ صاحب پنهنجي عجز ۽ عاجزيءَ جو هن ريت بيان ڪيو آهي. "آئون نہ ڪو اديب آهيان ۽ نہ ڪو عالم پر مون کي لطيف سائينءَ جي ننگريءَ ۾ ابن ڏاڏن کان رهڻ ڪري سندس ڪلام سان وابستہ هئڻ جو جيڪو شرف ۽ امتياز حاصل آهي، اهو شايد ڪنهن اديب ۽ عالم کي خيرڪو نصيب هجي. لطيف رحہ جي ڪلام سان وابستگيءَ جي سلسلي ۾ مون ڪافي شاهہ جي رسالن (قلمي توڙي ڇاپي) جو ڳوڙهو ۽ طويل اڀياس ڪيو آهي، جن ۾ شاهہ سائينءَ جي وڏي ۽ اول خليفي تمر فقير

جي اوطاق واقع پٽ شاهه ۾ رکيل گنج شريف وڏيءَ اهميت جو حامل آهي“. (ص: 11)

بلوچ صاحب جي وڏي خوبي اِها هوندي هئي تہ هو گهٽي ۾ گهٽي پاڻ مٿان ٿيل تنقيد جو جواب نہ ڏيندو هو پر شيخ صاحب جو مقالو پڙهي هن ان جو جواب ڏنو، ان ۾ هن جنهن انداز سان جواب ڏنو، اهو بہ ساراهڻ جوڳو آهي، بلوچ صاحب اِهو جواب ڇپرائڻ بدران ڀانهين خان کي خط وسيلي ڏنو ۽ ان جو موضوع رکيائين ادبي شڪر گذاري. بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

”محترم شيخ ڀانهان سلامت هجو

اسلام عليڪم و رحمة الله و برڪاته.

اوهان جو تيار ڪيل ۽ ڇپايل ’شاهه جو رسالو – رسالي جو ڪلام‘ تي هڪ نظر“ مون کي ڪجهه وقت اڳ مليو، پر هاڻي فراغت ۾ مون ان کي پڙهيو ۽ ضروري سمجهيم تہ پنهنجا تاثرات اوهان ڏي لکي موڪليان. هيءَ اوهان جي لکيي جو جواب ناهي پر علمي ادبي شڪر گذاري آهي“ (ص 9)

بلوچ صاحب جو اهو خط ڪلاچيءَ جي مارچ 2000ع واري شماري ۾ ڇپيو، جيڪو شيخ صاحب ڪلاچيءَ ڏانهن موڪليو. بلوچ صاحب ڪليءَ دل سان شيخ صاحب جي تنقيد کي قبوليو ۽ ان کي سهڻي تنقيد قرار ڏنو. هو لکي ٿو تہ:

”سڀ کان اول ذڪر انهن خوبين جو جن مون کي متاثر ڪيو آهي، اوهان شاهه جي رسالي بابت شايع ٿيل تحقيقي جلدن ”شاهه جو ڪلام“ ۽ ”شاهه جو رسالو“ جو دل لائي مطالعو ڪيو آهي. منهنجي اوڻائين تي تنقيد ڪئي آهي پر نيڪ نيتيءَ سان ڪيل صاف ۽ سهڻي تنقيد آهي. جنهن ۾ ڪي مفيد مشورا پڻ ڏنا ويا آهن. رسالي بابت منهنجي ڪيل تحقيق بابت اوهان جيڪي چڱا لفظ لکيا آهن، تن لاءِ آءٌ اوهان جو ممنون آهيان“. (ص: 9)

شيخ صاحب جي ان مقالي کي محترم امداد حسينيءَ بہ ڏاڍو ساراهيو هو. هن اهو ليک پڙهڻ کان پوءِ ڪلاچيءَ جي تڏهوڪي ايڊيٽر ڊاڪٽر فهميده حسين کي خط لکيو، جيڪو ڇاپيو بہ ويو. هو لکي ٿو تہ:

”سائڻ فهيمده!

اميد تہ گهر ور سان خوش هوندين!

”ڪلاچي“ (جلد ٻيو – شمارو چوٿون) موڪلڻ لاءِ مهرباني.

ڪتاب جو پهريون ليک ”شاهه جو رسالو – رسالي جو ڪلام“ پڙهي پورو ڪيو اٿم ۽ سوچيم تہ توکي خط لکان. ڀانهين خان شيخ جو اهو ليک انتهائي اهم آهي. ڪراچيءَ ۾ اياز واري فنڪشن ۾ مون پاڻ بہ ان ڏس ۾ ڳالهائڻ گهريو تہ:

تنوير جهڙو شاهه جو پارکو هاڻي اسان ۾ نہ آهي.

الياس عشقيءَ جهڙو شاهه جو پارکو اسان ۾ موجود آهي ۽ ڊاڪٽر بلوچ

صاحب جي ان ڪم بابت عشقي صاحب جي راءِ اسان لاءِ اهميت واري ٿي سگهي ٿي. پر ٻانهين خان شيخ جو ليک پڙهي مون کي شاهه سائينءَ جي هيءَ سٽ ياد اچي ٿي:

اچا ڪي آهين، جي لڪا پٽن لوڪ ۾

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ان ڪم بابت تنوير سان به ڳالهه ڪئي هئي پر هاڻي تنوير اسان ۾ ناهي.

محمد حسين ڪاشف به جلد ڏهين تي لکيو آهي ۽ اهو ليک ڪٿي ڇپيو به هو ۽ هن اُن جي فوٽو ڪاپي مون کي ڏياري مُڪي هئي ۽ مون ڪيس چيو هو ته ان جي هڪ ڪاپي توکي به ڏياري موڪلي.

جلد ڏهون مون به ڏٺو آهي ۽ ڪجهه نوٽس به ورتا هئم، خاص ڪري دوهي ۽ سورٺن جي حوالي سان، جنهن لاءِ ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي ته اهي گهاڙيتا شاهه سائينءَ کان اڳي جا آهن، انڪري شاهه جا نه آهن. پوءِ ته ٻانهين خان شيخ پنهنجي ليک جي پڄاڻي جنهن بيت تي ڪئي آهي، اهو به شاهه سائينءَ جو نه رهندو.

چڱا ڪن چڱائيون، ٻُڇايون ٻڇن،

جو وڙ جڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.

۽ ڊاڪٽر صاحب جي چوڻ موجب ان سٽاءَ (دوهي) وارا سمورا بيت ڏاريو ڪلام آهي." (ڪلاچي، مارچ 2000ع، ص: 13-14)

شيخ صاحب مانيٽي طبيعت ۽ ڌيمي لهجي وارو ماڻهو هو. ڪيس اجايو ڏيکاءُ ۽ نٽ ٽانگر نه وڻندو هو. خاموشيءَ سان پنهنجو ڪم ڪندو هو. ڪيترن ئي سالن کان شاهه سائينءَ جي رسالي تي ڪم ڪندو رهيو پر خبر تڏهن پئي جڏهن هن ڪم مڪمل ڪيو. ان کان اڳ سندس شخصيت جو اهو پهلو لڪل هو. سندس دور جي اڪثر اديبن ۽ محققن کي هن جي هڪ ليکڪ ۽ محقق واريءَ صلاحيت کان واقفيت ڪا نه هئي. اهو ئي سبب آهي ته هو جڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۾ پنهنجو ترتيب ڏنل شاهه جو رسالو کڻي آيو ته ان کي ڇاپڻ لاءِ تمام گهڻو بحث ٿيو ۽ مختلف رايا سامهون آيا.

جڏهن پاڻ شاهه لطيف چيئر ايندو هو ته منهنجون ساڻس ڪچهريون ٿينديون هيون. هو پنهنجي زندگيءَ جو احوال به اوريندو هو. مون سائينءَ کي هڪ انگل ڪيو هو ته "سائين اوهان پنهنجي زندگيءَ جو احوال لکو" هن ان جي موٽ ۾ مون ڏانهن سچو احوال لکي موڪليو، جيڪو هتي جيئن جو تيئن پيش ڪجي ٿو:

مَ لَنءُ ڪُونجي، ماٺِ ڪر، چورِ مَ هنيين سَلَ

ڳوڙها متي ڳَلَ، جِمَ وهاڻِيءَ وهائيين.

(شاهه – سر ڏهر)

## آپ بيتي ٻانهون خان شيخ

**سوانحي خاڪو**

نالو: ٻانهون

والد جو نالو: جڙيو

مذهب: اسلام

ذات: شيخ

جنم جي تاريخ: 19 اپريل 1928ع

جنم جو هنڌ: ڀٽ شاهه ضلع حيدرآباد سنڌ (هاڻي مٽياري)

مستقل رهائش: شيخ محلو، ڀٽ شاهه

تعليمي لياقت: ايم اي (اسلامي تاريخ) ۽ ايل ايل بي

تعليم حاصل ڪرڻ جا ادارا:

(1) اوائلي تعليم: پرائمري سڪول ڀٽ شاهه

(2) ثانوي تعليم : مخدوم غلام حيدر مدرسو ۽ هاءِ سڪول هالا، (غربت جي ڪري درسي ڪتابن جي اڪثريت کان محرومي، ناقص پرورش ۽ ڀٽ شاهه ۽ هالا جي وچ ۾ روزانو (8) اٺ ميل پيادل اچ وڃ جي باوجود انگريزي پهرين درجي کان وٺي مئٽرڪ تائين سيني ميعادي توڙي ساليانن امتحانن ۾ امتيازي حيثيت ۽ هم ڪلاسن تي اوليت حاصل ڪيل) انگريزي تعليم کان سواءِ عربي ۽ فارسي ٻولين جي ڪجهه بنيادي ڄاڻ.

(3) اعليٰ تعليم: بي. اي گورنمينٽ سروري ڪاليج هالا، ايم . اي سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد، ايل ايل بي (اول) فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۽ ايل ايل بي (دويم) سيڪنڊ ڪلاس سنڌ يونيورسٽي.

**خانداني پسمنظر:**

ننڍي ڪنڊ جي ورهاڱي وقت ڀٽ شاهه، سنڌ جي مشهور ولي الله ۽ لاثاني شاعر حضرت سيد شاهه عبداللطيف رحہ جي آخري آرام گاهه هجڻ جي باوجود هڪ ننڍو ڳوٺ هو، جنهن جي آدمشماري 2700 – 2800 جِيئَنِ تي مشتمل هئي. ان وقت ڀٽ شاهه جو ڳوٺ ٽن پاڙن ۾ ورهايل هو. درگاهه شريف جي اڀرندي پاسي وارو لطيف رحہ سرڪار جي خاندان جي نسبت سان پِيرَ پاڙو سڏبو هو، درگاهه شريف جي ڏکڻ طرف ٻگهيا پاڙو هو، جيڪو لطيف سائينءَ جي ڀٽ وسائڻ کان پوءِ ٻگهيا قوم (ذات) جي هڪ مسلمان نالي وسند آباد ڪيو هو. ان پاڙي ۾ هندن جي گهڻائي هئي. ٽيو درگاهه شريف جي الهندي طرف وارو پاڙو، جنهن کي الهنديون پاڙو چيو ويندو هو. هن پاڙي جي ٽن حصن

جيتريءَ ايراضي ۾ هندن جا گهر هئا ۽ باقي چوٿين حصي ۾ مسلمان رهندا هئا. جن ۾ ٻين ذاتين جي مقابلي ۾ شيخ قوم (ذات) جا گهر البت زياده هئا. هندن جي لڏپلاڻ کان پوءِ هن پاڙي کي شيخ محلو ڪري سڏيو ويندو آهي.

سکر بئراج جي وجود ۾ اچڻ يعني سال 1932ع کان اڳ شيخ قبيلي جا ماڻهو راهي پوکيءَ جو ڪم ڪندا هئا پر سکر بئريج ٺهڻ کان پوءِ مزوريءَ جو ڌنڌو ڪرڻ لڳا. منهنجي پيدائش ان شيخ قوم جي هڪ مسڪين ۽ غريب گهراڻي ۾ ٿي. منهنجي جنم جي تاريخ ۽ سال جو صحيح پتو ڪونهي. البت پرائمري اسڪول پٽ شاهہ جي دفتر ۾ 19 اپريل 1928ع لکيل آهي. منهنجا والدين اڻ پڙهيل هئا پر نهايت نيڪ صفت ۽ شريف النفس انسان هئا. والد صاحب کي سندس سادي طبيعت ڪري ڳوٺ جا ماڻهو ”ملنگ“ سڏيندا هئا. منهنجي ماءُ هڪ بيحد رحمدل عورت هئي. اهو اثر شايد سندس نالي ”رحمت بائي“ جي ڪري هو. هوءَ ايتري تہ رقيق ۽ نرم دل انسان هئي جو پاڙي ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏک جي حالت ۾ ڏسندي هئي تہ اچانڪ روئي ڏيندي هئي ۽ ان سان وس آهر هر ڪا اخلاقي مدد ۽ همدردي ڪندي هئي. پاڙي يا ڳوٺ مان ڪا مسلمان يا هندو ڇوڪري پرڻجي ٻاهر ٻي ڳوٺ يا شهر ڏانهن ويندي هئي تہ امان ان جي رخصتيءَ جي خبر ٻڌڻ سان ائين روئندي هئي جيئن پنهنجي ڌيءَ جي رخصتيءَ کان پوءِ روئبو آهي. پنهنجي پيٽ ڄائيءَ ڌيءَ لاءِ روئجي.

منهنجي والدين کي پنج ٻار (ٽي پٽ ۽ ٻہ ڌيئرون) هئا. آئون انهن سڀني ۾ وڏو هوس. والد صاحب ٿڏي مزاج جو مزور هو ان ڪري کيس ٻين مزورن جي ڀيٽ ۾ مزوريءَ جي اجرت ڪي قدر گهٽ ملندي هئي. ان ڪري اسان جو کاڌو پيتو يا رهڻي سهڻي بلڪل سادي هئي. ٻيو تہ والد صاحب کي مهيني جا ڪي ڏينهن مزوري نہ لڳندي هئي، تنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن اسان جي گهر ۾ چلهہ ڪا نہ ٻرندي هئي ۽ اسان کي ويلو ڪاٽڻو پوندو هو. وقتي امڙ کي جنڊ جي پورهيي مان ڪي ٻہ ٽي پئسا جڙندا هئا تہ اها والد صاحب جو هٿ ونڊائيندي هئي.

**ابتدائي تعليم پرائڻ ۽ ان جي پرائڻ ۾ ڪشالا:**

آئون جڏهن سمجهہ لائق ٿيس تڏهين پاڙي جي هندو ڇوڪرين کي اسڪول ويندو ڏسي مون کي بہ پڙهڻ جو شوق ٿيو. والد صاحب منهنجو راضپو ۽ شوق ڏسي مون کي سال 1934ع ۾ پٽ شاهہ پرائمري اسڪول ۾ ٻاراڻي درجي ۾ داخل ڪرايو. ان زماني ۾ پهرئين درجي (جماعت) کان اڳ هڪ سال ٻاراڻو ڪتاب پڙهايو ويندو هو. منهنجي ڪتابن جو خرچ ۽ کيسي جي خرچيءَ لاءِ روزانو نہ تہ بہ ٻي يا ٽي ڏينهن هڪ پائي (روپيئي ۾ ان وقت 192 پايون هونديون هيون) امان جي ذمي هو جنهن جو پورائو هوءَ جنڊ جي پورهيي مان ڪندي هئي. پاڙي جا ڪي ماڻهو والد صاحب

ڪي چوندا هئا تہ تنهنجو هيءُ ڇوڪرو پڙهي ڪهڙا ڦاڙها ماريندو. تون غريب ۽ مسڪين ماڻهو آهين ڇوڪر کي اسڪول مان ڪڍي ڪنهن مال واري پاڳيي وٽ ڏورن چارڻ لاءِ پگهار تي بيهار تہ چار پنج روپيہ پگهار پيو ملندس ۽ توکي گهرو خرچ ۾ ڪجهہ اوپاڪي اچي ويندي. مگر والد صاحب انهن کي چوندو هو تہ منهنجي لاءِ بڪ پلي آهي باقي آئون پنهنجي ٻچي جي شوق ۾ رنڊڪ نہ وجهندس.

سال 1958ع کان اڳ سنڌ ۾ پرائمري سڪولن ۾ ست درجا (جماعتون) پڙهايا ويندا هئا. ٻاراڻي درجي کان وٺي ڇهين درجي تائين سڀني درجن جا ساليانہ امتحان هڪ ئي وقت زباني طور تعليمي کاتي جا ضلعي انسپيڪٽر يا انهن جا زير دست سڪول انسپيڪٽر وٺندا هئا. پرائمري چوٿين درجي پاس ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪو شاگرد انگريزي پڙهڻ چاهيندو هو تہ ڪنهن سيڪنڊري يا مڊل سڪول يا هاءِ سڪول ۾ انگريزي پهرين درجي ۾ وڃي داخل ٿيندو هو. جتي ڇهہ درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ ستين درجي ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏيندو هو. جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کي انگريزي پڙهڻ جو شوق نہ هوندو تہ پرائمريءَ جي ڇهن درجن پاس ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن چاهي تہ هڪ سال وڌيڪ ستون درجو پرائمري اسڪول جي ماستر، ٽپيدار، آبدار وغيره جي آساميءَ ۾ نوڪري ڪرڻ جي لائق بنائي.

**ثانوي تعليم ۽ ان جي حصول ۾ دشواريون:**

سال 1938ع ۾ آئون چوٿون درجو پرائمري پڙهندو هوس. ان سال اسان جي پرائمري سڪول جو امتحان هڪ سڪول سپروائيزر ديوان جشن مل هندو وٺڻ آيو. چوٿين درجي جي امتحان وٺڻ کان پوءِ ديوان صاحب هيڊ ماستر کي منهنجي نالي چيو تہ هيءُ ڇوڪرو ذهين ٿو ڏسجي ۽ بهتر آهي تہ هن کي مڊل سڪول سڪالر شپ جو امتحان پاس ڪرائي ڪنهن مڊل سڪول يا هاءِ سڪول ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ موڪليو وڃي. ڪن گهرو حالتن سبب آئون اهو امتحان نہ ڏئي سگهيس. پر ٻن سالن کان پوءِ 1940ع ۾ ڇهين درجي پاس ڪرڻ بعد مون مڊل سڪول سڪالرشپ جو امتحان ڏنو، جنهن ۾ آئون پاس ٿيس، نتيجي ۾ مون کي ساڍا ست رپيا ماهانو وظيفو ملڻ لڳو. ان سال پٽ شاهہ ۾ انگريزي ٽن درجن تائين سيڪنڊري سڪول کليو پر جيئن تہ اڃا ان کي گورنمينٽ طرفان مڪمل مڃتا (Recognition)حاصل نہ هئي مون کي ان ۾ پڙهڻ سان سڪالر شپ نٿي ملي سگهي. ان ڪري مون مجبوراً هالا جي ميونسپل سيڪنڊري سڪول ۾ پهرين درجي ۾ داخلا ورتي. هالا شهر پٽ شاهہ کان چار ميل پري آهي ان وقت ريل گاڏي ڪانسواءِ هالا ۽ پٽ شاهہ جي وچ ۾ ڪنهن ٻيءَ سواريءَ جو بندوبست نہ هو پر بدقسمتيءَ سان ريل گاڏيءَ جي اچ وڃ جو وقت سڪول جي وقت کان مختلف هو ان ڪري روزانو مون کي اوٽ موٽ (8) اٺ ميل پنڌ ڪرڻو

پوندو هو، جيڪو هڪ سخت ڪٺن ڪم هو پر مون همت کان ڪم وٺي سرديءَ گرميءَ کان بي نياز ٿي پنهنجي صحت داءَ تي لڳائي خير سان ٿي درجا پاس ڪري ورتا ۽ ان وچ ۾ سڪينڊري سڪول ڪي هاءِ سڪول جو درجو مليو ويو ۽ مون بہ هاءِ سڪول سڪالر شپ جو امتحان ڏنو. امتحان جي رزلٽ ظاهر ٿيڻ ۾ اٽڪل ٽي مهينا لڳي ويا. ان عرصي ۾ آئون سڪول نہ ويندو هوس پر ڳوٺ ۾ مزدوري وغيره ڪرڻ لڳس. هاءِ سڪول سڪالر شپ جي امتحان ۾ ناپاس ٿيڻ جي حالت ۾ منهنجي لاءِ وڌيڪ پڙهڻ ناممڪن هو پر خدا جي مهربانيءَ سان آئون امتحان ۾ ڪامياب ٿيس ۽ ساڍا ٻارهن رپيا في ماهہ سڪالر شپ منظور ٿيڻ ڪري مون چوٿين درجي ۾ داخلا ورتي.

غربت جي بار گهٽائڻ جي خيال کان درسي ڪتاب پنهنجن پئسن سان خريد ڪرڻ بدران آئون اڪثر ڪري اهي ڪتاب هم ڪلاسين کان اڌارا وٺي پڙهندو هوس ۽ سڪالر شپ جي وظيفي مان سڪول جي ٽيوشن في ڏيڻ کان پوءِ جيڪي پئسا بچندا هئا اهي والد صاحب کي ڏيندو هوس. ڪڏهن سڪالر شپ ٻن ٽن مهينن کان پوءِ ملندي هئي تہ والد صاحب پڇندو هو تہ هن پيري توکي پگهار ملڻ ۾ چاجي ڪري دير ٿي آهي.

وقت گذرڻ سان حالتون ڏينهون ڏينهن ابتر ٿينديون ويون. والد صاحب ڪراڙو ٿي ويو، وڏي پٽ جي حيثيت سان منهنجون ذميواريون وڌي ويون. پر مون پڙهڻ کي نہ ڇڏيو. آئون صبوح جو پاڙي اوڙي مان لسي وٺي ان سان نيرن ڪري چار ميل پير پيادو پنڌ ڪري سڪول ويندو هوس ۽ وري سڪول مان موڪل ملڻ کان پوءِ ٻيا چار ميل واپس پنڌ ڪري ٿڪجي ٽٽجي گهر پهچي رُکي سُکي مانيءَ جا بہ گرهہ کائي پاڙي واري کوهہ تان ڪنوانيءَ ۾ ٻڌل ڏولن ذريعي گهر لاءِ چار پنج لِگون پاڻيءَ جون پريندو هوس. ٻي يا ٽي ڏينهن جهنگ ۾ وڃي رڏ پچاءَ لاءِ ڪاٺيون ڪري ايندو هوس. هفتيوار يا ٻين موڪلن جي ڏينهن ۾ مزدوريءَ تي ڪٽون واٽيندو هوس يا لابارو ڪندو هوس. انهن ڳالهين هوندي بہ مون پڙهڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نہ ڪئي. رات جو گاسليٽ واريءَ بتيءَ تي ٻن ٽن ڪلاڪن تائين استادن جو ڏسيل سڪول جو ڪم ڪندو هوس ۽ الله جي مهربانيءَ سان پهرين درجي کان وٺي ڇهين درجي تائين سيني ميعادي توڙي ساليانن امتحانن ۾ پهريون نمبر ايندو هوس.

منهنجي هن اپري حال جي ڳوٺ پٽ شاهہ توڙي هالا شهر جي ڪن سرنديءَ وارن ماڻهن کي خبر هئي پر ڪنهن بہ منهنجي مدد ڪانہ ڪئي، ها البتہ ڪڏهين ڪڏهين صبوح جي وقت پٽ شاهہ ڳوٺ جو هڪ پير صاحب گهوڙي تي چڙهي پنهنجي ٻنين ڏانهن ويندي مون کي مٿي تي ڪتابن جي بڌ سان سڪول ويندي ڏسي زباني طور شاباس ڏيئي همٿائيندو هو. هالا هاءِ سڪول جي ڪيترن شاگردن جي

ٽيوشن في توڙي بورڊنگ جي رهائش ۽ مانيءَ جو خرچ مخدوم حيدر صاحب پاڻ پريندو هو. منهنجي حال جي بہ ڪيس سائين غلام رضا پٽيءَ صاحب جي معرفت خبر هئي چو تہ هڪ دفعي هاءِ اسڪول جي معائني ڪندي مون کي ڏسي سائين غلام رضا کان پڇيائين تہ پٽ شاهہ جو هي اهو ڇوڪرو آهي، جنهن جي توهان ڳالهہ ڪندا آهيو. حقيقيت ۾ اها منهنجي نا سمجهي ۽ ڪم عقلي هئي جو مون پنهنجي سر مخدوم صاحب کي ڪا اهڙي گذارش ڪانہ ڪئي. چوندا آهن تہ ماءُ بہ پنهنجي ٻار کي تڏهين ٿڃ (کير) پياريندي آهي، جڏهن هو روئندو آهي.

مخدوم غلام حيدر صاحب هڪ فياض ۽ غريب نواز اهل الله شخص هو. هو هالا شهر ۾ هاءِ سڪول ۽ ڪاليج کولرائي مون جهڙن هزارين نادار غريبن جا گهر آباد ڪري ويو.

سال 1947ع ۾ مئٽرڪ جي امتحان ٿيڻ کان بہ ٽي مهينا اڳ اسان مئٽرڪ وارن شاگردن جو پرلمنري امتحان ٿيو، جنهن جي انگريزي مضمون وارو پرچو گورنمينٽ ناز هاءِ سڪول خيرپور جي هيڊ ماستر صاحب کي سارڻ لاءِ موڪليو ويو. جنهن صاحب مون واري پرچي تي سفارشي شرح لکي تہ هن شاگرد تي جيڪڏهن ڪلاس ماستر ڪجهہ وڌيڪ محنت ڪندو تہ پڪ سان يونيورسٽيءَ ۾ امتيازي حيثيت حاصل ڪندو. ان زماني ۾ مئٽرڪ جو امتحان بمبئي يونيورسٽي طرفان ورتو ويندو هو. پرلمنري امتحان جي نتيجي ظاهر ڪرڻ کان پوءِ جن شاگردن کي مئٽرڪ جي امتحان ۾ ويهڻ جي لائق سمجهيو ويو، ان کان مئٽرڪ جي امتحان جا فارم ڀرائي کين موڪل ڏني وئي تہ هو پنهنجن گهرن ۾ ويهي مئٽرڪ امتحان جي تياري ڪن پر مون کي منهنجي پياري ۽ شفيق استاد سائين غلام رضا پٽيءَ صاحب، جو ان وقت هاءِ سڪول جو هيڊ ماستر بہ هو، چيو تہ آئون هالن ۾ رهڻ جو بندوبست ڪري ڪائنس ٽيوشن وٺان. مون ڪن مجبورين سبب ائين نہ ڪيو ۽ پٽ شاهہ ۾ گهر ۾ ويهي پنهنجي سر امتحان جي تياري ڪئي.

**اعليٰ تعليم جو شوق ۽ ان ۾ ناڪامي:**

مئٽرڪ جي امتحان کان پوءِ ۽ نتيجي ظاهر ٿيڻ کان اڳ اعليٰ تعليم جي حاصل ڪرڻ جي شوق ۽ تمنا سبب هڪ ڏينهن جڏهن جو سنڌ جو گورنر سر غلام حسين شيخ، وڏو وزير پيرزادو عبدالستار ۽ تعليم جو وزير پير الاهي بخش صاحب مخدوم غلام حيدر صاحب جي دعوت تي هالن ۾ آيا تڏهين مون ان سلسلي ۾ سائين غلام رضا پٽي صاحب جي معرفت پير الاهي بخش کي سرڪار طرفان مالي امداد ڏيارڻ لاءِ عرض ڪيو. پير صاحب سائين غلام رضا کي مخطاب ٿي چيو تہ جيڪڏهن هيءُ ڇوڪرو مئٽرڪ ۾ مجموعي طور 50 پنجاهہ سيڪڙو مارڪون

ڪڻندو تہ آئون ڪيس پنهنجي پٽ عبدالحميد وانگر پڙهائيندس. پير صاحب سان ملاقات وقت مون کي پٽڪو ٻڌل هو ۽ بت تي اڇرو لباس هو. انهيءَ وضع قطع مان پير صاحب کي شايد اهو اندازو ٿيو هجي تہ هن دهقانيءَ ٻهراڙيءَ جي ڇوڪري لاءِ ايتريون مارڪون کڻڻ مشڪل آهي. قدرت منهنجي الله جي جڏهن مئٽرڪ امتحان جي رزلٽ ظاهر ٿي، خبر پئي تہ مون کي مجموعي طور 72 سيڪڙو مارڪون مليون آهن ۽ آئون هالا هاءِ اسڪول توڙي حيدرآباد ضلعي جي شاگردن ۾ پهريون نمبر آيو آهيان، اڄ بہ هالا هاءِ اسڪول ۾ مئٽرڪ جي امتحانن ۾ هاءِ اسڪول جي شاگردن ۾ پهريون نمبر حاصل ڪندڙ شاگردن جي نالن واري لڳل تختيءَ تي منهنجي نالي جي موجودگي ان ڳالهہ جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهي.

مئٽرڪ جي نتيجي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ منهنجي ۽ مون کان ٻي نمبر تي منهنجي ڀاءُ جي شادي ٿي جنهن ڪري گهر جي ڀاتين ۾ ٻن ماڻهن جو اضافو ٿيو. بهرحال آئون جون 1944ع ۾ ڪراچيءَ جي ڀاڙي ۽ ٻي خرچ پکي لاءِ ڳوٺ جي هڪ هندوءَ سيٺ کان هڪ سئو رپيا وياج تي وٺي ۽ مخدوم غلام حيدر صاحب کان سائين غلام رضا ڀٽي جي معرفت هڪ سفارشي خط لکرائي مئٽرڪ جي رزلٽ جي اختصار سميت پير الاهي بخش صاحب وٽ ڪراچيءَ ۾ سندس پير الاهي بخش ڪالونيءَ واري بنگلي تي حاضر ٿيس ۽ کيس سندس ڪيل واعدو ياد ڏياريم پر پير صاحب پنهنجي واعدي جي ڪا بہ پاسداري نہ ڪئي ۽ چيائين تہ آئون توکي صرف سڪالر شپ ڏياري سگهان ٿو. مون کيس عرض ڪيو تہ سائين سڪالر شپ جو تہ آئون هونهين حقدار آهيان ۽ مون کي خود بخود ملندي پر هن وقت فوري مونکي ڪاليج ۾ داخلا فيءَ، ڪتابن ۽ کاڌي پيتي جي خرچ کان سواءِ ڪپڙن جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ جو مون کي بدن تي پاتل ڪپڙن جي جوڙي کان وڌيڪ ڪي ڪپڙا ڪونهن. ان کان سواءِ ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هر مهيني ٽيوشن في ڏيڻي پوندي ۽ ان ڪري توهان طرفان مونکي مالي مدد جي سخت ضرورت آهي. پر پير صاحب پنهنجي مجبوري ظاهر ڪري مون کي نا اميد موٽائي ڇڏيو.

پير صاحب کان واپس ٿيندي، مون علامہ عمر بن محمد دائود پوٽي سنڌ صوبي جي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن سان بندر روڊ تي واقع سندس آفيس ۾ ملي کيس ساري روئداد کان واقف ڪيو پر هن صاحب جواب ڏنو تہ آئون غريب شاگردن جي پوئر بوائز فنڊ مان مدد ڪندو آهيان پر هن وقت اهو فنڊ مون وٽ ڪونهي، تنهنڪري آئون تنهنجي مدد ڪرڻ کان لاچار آهيان. آخر ڪار هڪ ماڻهوءَ مون کي پريشان حال ڏسي سنڌ مدرسي جي ڪاليج پرنسپال مسٽر صديقيءَ سان ملڻ جي صلاح ڏني. سنڌ مدرسي ۾ پهچڻ سان اتفاقا منهنجي ملاقات مسٽر غلام نبي ڀنگر سان ٿي، جيڪو منهنجو اڳ واقف نہ هو. مسٽر ڀنگر سنڌ مدرسي

ڪاليج ۾ ليڪچرار هجڻ سان گڏ مدرسي جي بورڊنگ ۽ هاسٽل جو سپرنٽنڊنٽ پڻ هو. مسٽر پنگر صاحب مون کان حال احوال وٺڻ کان پوءِ منهنجو ڀراڙيءَ وارو وضع قطع ۽ رزلٽ شيٽ جو اختصار ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو ۽ ان وقت ڪاليج ۾ جيڪي ٻه شاگرد فرسٽ ييئر سائنس ۾ داخلا وٺي هاسٽل ۾ رهيل هئا، انهن کي منهنجي رزلٽ شيٽ ڏيکاري چوڻ لڳو ته هن غريب شاگرد کي ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ ۾ هر ممڪن مدد ڪبي ۽ ائين چئي مون کي پرسنپال وٽ وٺي ويو ۽ سندس زوردار سفارش تي پرنسپال صاحب منهنجي حالت تي قياس ڪري بروقت ئي داخلا في ۽ ٽيوشن في ۽ بورڊنگ لا جنگ جي خرچ معاف ڪرڻ جو حڪم جاري ڪرائي سنڌ سرڪار کي منهنجي سڪالر شپ منظور ڪرڻ لاءِ سفارشي ليٽر لکيو. آئون ڪاليج ۾ داخلا لاءِ دير سان پهتو هوس ان ڪري هاسٽل جي ڪمرن ۾ رهڻ لاءِ جاءِ نه هئي پر مسٽر پنگر مون تي ايترو ته مهربان ٿي ويو جو هڪ شاگرد جو بسترو ڪمري مان ڪيرائي ورانڊي ۾ رکايو ۽ مون کي ان جي جاءِ تي ڪمري ۾ بستري رکڻ جي اجازت ڏني. اها ڳالهه ڪيترن کي ڪانه وڻي ۽ اهي منهنجا مخالف ٿي پيا. منهنجي داخلا جي ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪاليج جو ماحول خبر ناهي ڪهڙيءَ طرح بگڙي ويو ۽ شاگردن هڙتال شروع ڪري ڇڏي. ان ڪري آئون بي دليو ٿي پيس ۽ ڪاليج ڇڏي آيس.

**روزگار جي تلاش:**

هاڻي مون اعليٰ تعليم جي حاصل ڪرڻ جون سڀ آسون اميدون لاهي ڇڏيون ۽ هلڪي سلڪي نوڪريءَ جي تلاش ڪرڻ لڳس. هڪ سال جي مٿاڪٽ کان پوءِ ڊسمبر 1948ع ۾ حيدرآباد ضلعي ۾ روينيو کاتي ۾ اي گريڊ ڪلارڪيءَ جي نوڪري ملي وئي. منهنجي پهرين مقرري خزاني آفيس حيدرآباد ۾ ٿي. ان وقت مئٽرڪ پاس اي گريڊ ڪلارڪ جي پگهار (59) اٺهٺ رپيا هوندي هئي. آئون حيدرآباد ۾ ڪنهن واقفڪار جي معرفت ٽنڊي مير محمود جي مير جان محمد خان صاحب جي هڪ سادي سوديءَ اوطاق ۾ سندس نوڪرن سان گڏ رهندو هوس. مير صاحب تي رهڻ کان سواءِ منهنجو ٻيو ڪوبه بار پري ڪونه هو. ماني ٽڪي آئون پنهنجي پاڻ ڪندو هوس. پگهار جو اڌ آئون پنهنجي خرچ پکي لاءِ رکندو هوس ۽ اڌ والد صاحب کي ڏيندو هوس.

نوڪريءَ ملڻ سان روزگار جو مسئلو ته ڪي قدر حل ٿي ويو پر عام چوڻي ته ”نيچ نوڪري“ جو فلسفو سمجهه ۾ اچي ويو. نوڪريءَ ۾ ماڻهو ڪهڙيءَ به حيثيت ۾ هجي پر عزت نفس هميشه داءَ تي ۽ خطري ۾ هوندي آهي، جيڪا شروعات ۾ نوڪريءَ ۾ گهڙڻ وقت ته ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي پر ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ ماڻهو ان ڳالهه کي سهسائي سهسائي برداشت ڪرڻ جو عادي ٿي ويندو آهي. مون روينيو

ڪاتي ۾ 40 چاليهہ سال ڪن نوڪري مختلف حيثيتن ۾ مختلف عهدن تي ڪئي جنهن جو تفصيل ڏيڻ طوالت جي ڊپ کان مناسب ناهي پر ايترو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ نوڪريءَ جي دوران ڪڏهين ڪڏهين بالادست آفيسرن جي بي جاءِ هلت سبب اهڙو تہ بيزار ۽ خفي ٿيو هو جو چئبو هو تہ هن نوڪريءَ کان تہ پنڻ بهتر آهي. بهرحال مجبوريءَ جو نالو شڪريو آهي.

نوڪريءَ واري عرصي ۾ مون سال 1954ع ۾ گورنمينٽ سروري ڪاليج هالا مان بي اي جو امتحان پاس ڪيو ۽ وري سال 1959ع ۾ مختيارڪاريءَ جي عهدي تي ترقي ملڻ لاءِ مقرر ڪيل (روينيو ڪواليفائنگ) امتحان پاس ڪيم، جنهن ۾ آئون سڄيءَ سنڌ ۾ پهريون نمبر آيس. هن امتحان پاس ڪرڻ ڪري مون کي ڊي گريڊ ڪلارڪ جي عهدي تي ترقي ملي، جيڪا هن وقت جي اسسٽنٽ مختيارڪار جي گريڊ جي برابر آهي. سال 1966ع ۾ مون ايم اي (اسلامي تاريخ) جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيو ۽ ساڳي يونيورسٽيءَ مان سال 1963ع ۾ ايل ايل بي (اول) جو امتحان ۽ سال 1964ع ۾ ايل ايل بي (دويم) جو امتحان پاس ڪيم. ايل ايل بي (اول) مون فرسٽ ڪلاس ۾ پهرين نمبر تي پاس ڪيو ۽ ايل ايل بي (دويم) سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيو.

مٿين اعليٰ تعليمي لياقتن جي ڪري سڄيءَ سنڌ جي ڪيترن اسٽنٽ مختيارڪارن، جيڪي مون کان ڪافي سينئر ۽ جهونا هئا پر انهن کي ڪا اعليٰ تعليمي لياقت ڪا نہ هئي يا منهنجي مقابلي ۾ گهٽ لياقت هين، تي مونکي سبقت ملي وئي ۽ مونکي سال 1970ع ۾ مختيار ڪار جي عهدي تي ترقي ملي وئي ۽ سال 1973ع ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تي ترقي ملي. اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تي ترقي ملڻ کان پوءِ مونکي ڪراچيءَ ۾ ائڊيشنل سٽي ماجسٽريٽ ڪري رکيو ويو. جتان اٽڪل پنجن (5) مهينن کان پوءِ بدلي ڪري سجاول جو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪري مقرر ڪيو ويو ۽ اتان وري 15 ڏينهن کان پوءِ بدلي ڪري جيڪب آباد جو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪري رکيو ويو. اهي پيپلس پارٽيءَ جي حڪومت جا شروعاتي ڏينهن هئا ۽ عزت وارن ڪامورن جو قدر نہ هو. ان ڪري مون بورڊ آف روينيو سينئر ميمبر کي عرض ڪري پنهنجي بدلي جيڪب آباد مان بورڊ آف روينيو ۾ مارچ 1974ع ۾ ڪرائي ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي عهدي تي چارج سنڀالي. سال 1981ع ۾ مونکي ڊپٽي ڪشمنرڪي ڪئڊر ۾ ترقي ملي پر آئون بورڊ آف روينيو ۾ ڊپٽي سيڪريٽري جي عهدي تي ئي هلندو رهيس تان جو سال 1988ع ۾ عمر عزيز جا 60 سال پورا ڪري پينش تي لهي ويس.

نوڪريءَ وارو منهنجو سمورو عرصو چوٽيءَ جي ايماندار ۽ ڄاڻو آفيسرن جي زيردستيءَ ۾ تمام خير خوبيءَ سان گذري ويو ۽ ڪنهن بہ طرف کان ڪڏهن ڪا

شڪايت نہ ٿي. اهو سڀ ڪجھ رب پاڪ جي مهربانيءَ سان والدين جي دعائن جو نتيجو هو.

نوڪريءَ کان اڳ وارو عرصو جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو آهي تہ نهايت ڪسمپرسيءَ وارو هو پر نوڪريءَ بعد بہ مالي حالتن ۾ ڪا واضح بهتري نظر نہ آئي، ان ڪري بري صحبت تہ ڇا پر ڪنهن مباح مشغلي ڏانهن بہ ڪو ذري برابر لاڙو يا شوق نہ ٿيو. نوڪريءَ وارو سمورو عرصو دفتر جي فائيلن ڪي اٿلائيندي گذري ويو، ان ڪري ڪنهن بہ ادبي يا سماجي شغل ۾ حصو نہ وٺي سگهيس. البت لطيف سائينءَ جي ڪلام سان ننڍپڻ کان نينهن لڳل هو ۽ نوڪريءَ دوران ان جي ياد ڪرڻ ۽ سهيڙڻ ۾ رُڌل رهندو هوس ۽ نوڪريءَ کان فارغ ٿيڻ بعد پنهنجي اپريءَ سپريءَ جاڻ موجب گهٽي کان گهٽي نج ڪلام جو مجموعو مفصل لفظي معني سان مرتب ڪيم، جيڪو تازو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ طرفان ٽن جلدن ۾ شايع ٿيو . اهڙيءَ طرح منهنجي ديرينہ دلي مراد پوري ٿي آهي. هن وقت منهنجا والدين شهر خموشان ۾ جنت جي هوا کائي رهيا آهن ۽ آئون حياتيءَ جا باقي ڏينهن پنهنجي آل اولاد سان سڪون سان گذاري رهيو آهيان. مونکي بہ پٽ ۽ چار عاجزائون آهن جي سيئي پرٽيل آهن. منهنجو وڏو پٽ ميان رسول بخش مسلم ڪمرشل بئنڪ لميٽڊ ۾ گريڊ ٿري آفيسر هو، جيڪو بہ ٽي سال ٿيندا تہ گولڊن هئنڊ شيڪ وٺي گهرجي پرسان ميڊيڪل اسٽور کولي عزت سان پنهنجو ۽ ٻچن جو پيٽ پالي رهيو آهي ۽ ٻيو پٽ ميان غلام عباس ايم بي بي ايس پاس ڊاڪٽر آهي، جو هن وقت ڀٽ شاهہ سرڪار جي اسپتال ۾ ميڊيڪل آفيسر آهي. منهنجا ٻئي پٽ سلڇڻا، سدورا صالح ۽ نهايت حياءَ وارا آهن. منهنجي چئن نياڻين مان ٽي منهنجي ٽن ڀائيٽن جي نڪاح ۾ آهن، جيڪي پنهنجي ورن ۽ اولاد سان خوش وقت گذاري رهيون آهن ۽ مون سان لاڳيتن گهرن ۾ رهڻ جي ڪري منهنجي ۽ منهنجي گهر واريءَ جي خذمت ڪري پنهنجي آخرت سنواري رهيون آهن. منهنجي چوٿين نياڻي جيڪا سيني ڏيئرن ۾ وڏي آهي، اها منهنجي سالي جي پٽ سان پرٽيل آهي اها مائي بہ اسان شيخن جي ويڙهي ۾ پنهنجي جدا گهر ۾ پنهنجي مڙس ۽ ٻچن سان گڏ خوشحال وقت گذاري رهي آهي ۽ ڏينهن ۾ بہ ٽي دفعا اسان وٽان ڦيرو ڪندي رهندي آهي. مطلب تہ هن وقت مون جهڙي خوش زندگي ڪي ڀاڳ وارا گذاريندا هوندا. آئون پينشن ۾ حرمين شريفين جي سعادت بہ حاصل ڪري آيو آهيان ۽ هن وقت دنياداريءَ جي هر فڪر کان بلڪل واندو پنج وقت نماز جا پڙهيو الله سائينءَ جا احسان ڳائيندو وتان ۽ دعا ڪندو رهندو آهيان تہ رب پاڪ شال مون سميت جڳ جهان جو سانگ سنڌڙ ڪري. آمين

**پانهون خان شيخ**

ٻانهين خان جو شاهہ صاحب سان عشق هو. ان عشق جي ڪري سندس قبر بہ لطيف سرڪار جي ميدان ۾ آهي، جتي مير عبدالحسن سانگي ۽ ٻين عاشقن جون قبرون آهن. سندس قبر تي لڳل ڪتبي تي لکيل آهي :

**حضرت سائين زنوار الحاج ٻانهون خان ولد الجهڙيو شيخ**

**ڄمر:** 1928 - 04- 19 **وفات** 2008 - 10 - 19

1429هہ - 19 **شوال**

**آچر رات فجر** 15- 5

**شاهہ صاحب جو هيءُ بيت بہ سندس ڪتبي تي لکيل آهي:**

**ويــو ســج وڻــن تــان، راســيــو ڏيــئــي رنــگ**
**جنهن سان منهنجو سنگ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.**
**شاهہ رحہ**

**مددي ڪتاب/حوالا**


1. ٻانهين خان شيخ سان مختلف وقتن تي ڪچهريون
2. ٻانهين خان شيخ جا خط
3. تحقيقي جرنل ڪلاچيءَ جا مختلف پرچا، جهڙوڪ:
   (1) جلد ٻيو شمارو چوٿون، ڊسمبر 1999ع،
   (2) جلد ٽيون، شمارو: پهريون، مارچ 2000ع،
   (3) جلد: پنجون، شمارو: ٻيو، جون 2002ع
   (4) جلد: پنجون شمارو: ٽيون، سيپٽمبر 2002ع (ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهيمده حسين)
4. شاهہ جو رسالو، مرتب: ”ٻانهون خان شيخ“، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي